ڊاڪٽر الطاف جوکيو
ڊائريڪٽر
ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ انسٽيٽيوٽ آف ريسرچ اينڊ هيريٽيج

# لفظ ’پهريون‘ ۽ اُن سان سلهاڙيل پين صورتن جو اڀياس

# STUDY OF WORD "**PIHRIYON**" AND ITS INFLECTED FORMS

***Abstract***:

*Many words in Sindhi language change form in syntactic form, the basis of such changes are in spoken language. For example: "مان ڪنڊياري وڃان ٿو" ( I am going to Kandiaro) or "مان موري کان ٿي آيو آهيان"; (I came from Moro) etc. these main words such as: Kandiaro or Moro, change their form, according to inanimate masculine and feminine words in a sentence. Same as, word پهريون, the ordinal number is used in inflected compound forms due to number and inanimate gender. Suppose: inanimate singular masculine 'پهريون ڪتاب' inanimate plural masculine 'پهريان ڪتابَ' inanimate singular feminine 'پهرين پينَ', inanimate plural feminine 'پهريون پينون',etc. Grammatically, it is noted that this word is used as adjective, and also used as adverb such as: پهرين (before). A rare languages posse this type of inflected forms of adjective, in which compound word adjective + noun both are changed in form; whenever, English is not following this rule.*
*In this paper the inflected forms of ordinal number 'پهريون' (first) is studied and collect the standard forms of word to examine the writings of few authors used the aforesaid word's inflected forms regarding Sindhi Orthography.*

## اڀياس جو پس منظر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي لفظ، نحوي صورت ۾ شڪل تبديل ڪندا آهن، اهڙي تبديليءَ جو بنياد ڳالهائڻ واري ٻولي آهي. مثال طور: ’مان ڪنڊياري وڃان ٿو‘ يا ’مان موري کان ٿيآيو آهيان‘ وغيره. عام طور ڪافي سنڌي ڳالهائيندڙ اهو ئي سوال ڪندا آهن ته انهن جملن جي اهم لفظن ڪي هيئن به ته پڙهي

سگهجي ٿو: ’ڪنڊيارِي‘ يا ’مورِي‘ وغيره. هتي بيشڪ معياري لهجي جو معاملو سامهون اچي ٿو، جنهن موجب ڳالهايو ۽ لکيو ويندو آهي. ان جملي ۾ جيڪڏهن ’ڪنڊيارِي‘ يا ’مورِي‘ لفظ مؤنث هوندا ته انهن سان ’ءَ‘ يعني آخري مؤنث واري زبر /أ/ لازمي لڳندي. ان صورت ۾ جملا بيهندا: ’مان ڪنڊياريءَ وڃان ٿو‘ يا ’مان موريءَ کان ٿي آيو آهيان‘؛ جيڪڏهن اهي لفظ ’ڪنڊيارو‘ ۽ ’مورو‘ آهي ته جملي جي بيهڪ سان ’ڪنڊياري‘ ۽ ’موري‘ بيهندو. ياد رهي ته انهن مثيل صورتن ۾ ’حرف جر‘ به سمايل آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو مسلّم اصول آهي. جيئن ته اترادي لهجي(Utradi dialect) جي ڪن اپلهجن (accents)۾ لاڙي لهجي(Larri dialect) ۽ حيدرآباد جي آسپاس جي اصلوڪن ماڻهن وٽ آخري سُر حذف ڪرڻ جي ڪار آهي، ان صورت ۾ ’ءَ‘ جو استعمال گهٽ ڪيو وڃي ٿو، جنهن سبب لفظ جي اصل حيثيت بدلي وڃي ٿي.ساڳي ڪار ’هي‘ لفظ سان به ڪئي وڃي ٿي، جيڪو واحد مذڪر ۾ ’هيءُ‘، واحد مؤنث ۾ ’هيءَ‘ ۽ جمع- واحد توڙي مذڪر- مؤنث ۾ ’هي‘ ڪم آڻڻ گهرجي. نحوي حالت ۾ ڪافي لفظ اهڙا ٿين ٿا، جيڪي اصولي طور حرف علت(vowel letters) يا اعراب (diacritical mark)سان صورت تبديل ڪن ٿا، هتي صفت لفظ ’پهريون‘، واحد- جمع يا مؤنث- مذڪر سبب ۽ حر ف جر لڳڻ جي حالت ۾ جملي جي نوعيت سان جيڪي صورتون وٺي ٿو، ان جو اپياس ڪيو ويندو ۽ صورتن جا معيار ڪٽي، چند لکٽين کي سامهون رکي، جاچيو ويندو.

- لفظ جو گهاڙيٽو

لفظ ’پهريون‘، ’هڪ‘ جي بدران ڪم ايندو آهي، جيڪو ’صفت قطاري‘ سڏجي ٿو. ڳڻپ جي لحاظ کان ’هڪ‘ جون ٽي صورتون آهن:

1. شماري عدد: هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه وغيره.
2. قطاري عدد: ان قسم جي انگن کي ٻن حصن ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي:

- قطاري عدد: پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، پنجون وغيره.
- شماري- قطاري عدد: هڪ، ٻيو، ٽيو، چوٿو، پنجو وغيره.

هيٺئين شعر ۾ به ٻوليءَ ۾ مستعمل اهڙن لفظن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو:

’هڪ ته سمجهيو نه مون، ٻيو ٻڌايو نه تو،
دل پڪي وئـين ڪري، دير سان ٻيو پتو.‘
(جوکيو، 2017: 196)

لفظ ’پهريون‘ قطاري عدد آهي، هن سان ٻيا قطاري عدد ’ٻيون، ٽيون، چوٿون، پنجون...‘ ترتيب سان بيهن ٿا. هن جڳهه تي اهو ٻڌائيندو هلجي ته ’ٻيون‘ لفظ قطاري عدد آهي، جڏهن ته عام استعمال ۾ ايندڙ ’ٻيو‘ لفظ قطاري عدد جي صف ۾ نه ٿو اچي، بلڪ ان جي معنى ’ڏاريو‘، ’الڳ‘ يا ’ڪو ٻيو‘ (another- extra- alternative- additional etc.) آهي. پيرومل آڏواڻيءَ به اهڙي راءِ رکي آهي. (پيرومل، 2007: 82- 101)

- لفظ ’پهريون‘ جون نحوي صورتون

لفظ ’پهريون‘ واحد طور ڪم ايندو آهي، تعداد جي نسبت، جملي ۾ ’صفت‘ طور ڪم اچي ٿو.هيءُ لفظ جملي جي بيهڪ ۾، واحد- جمع يا مؤنث- مذڪر (جنسي توڙي غير جنسي) ۽ حرف جر سان لڳڻ سبب صورتون مٽائيندو آهي. انهن صورتن مان هي صورتون سامهون اچن ٿيون: پَهريون- پَهرِين- پَهريان- پَهريُون- پَهرئين- پهريَن (نون تي جزم)۽پهريُن (نون تي جزم). اهي صورتون ته اهڙيون آهن، جيڪي ڪنهن اسم سان لاڳو ٿين ٿيون. ان لفظ جون ڪي صورتون اهڙيون به ٿين ٿيون جيڪي ظرف طور به ڪم اچن ٿيون، جيئن: پَهرين ۽ پَهريائِين.

- لفظن جو صوتي ڇيد

1. پَهريون= پ + آ، هه + اِ، ر + ي+ اون. چار وينجن، ٽي سُر (ٻه ڇوٽا سُر ۽ هڪ وچٿرو ڊگهو نڪوون سُر، ڪل ست آواز) ۽ ٽي پد.

(ياد رهي ته ’ي‘ اهڙو وينجن آواز آهي، جيڪو پاڻ کان اڳ واري وينجن آواز کي ساڪن صورت ۾ ملائي، بعد ۾ ايندڙ سُر/ ڊگهي

سُر/ نڪوين سُر/ نڪوين ڊگهي سُر سان ملي پد ٺاهيندو آهي. يعني ’ر ۽ ي‘ گڏيل وينجن آواز (cluster of sounds) آهي.)

2. پَهرِين = پ + آ، هه + اِ، ر + اِين.ٽي وينجن، ٽي سُر (ٻه ڇوٽا سُر ۽ هڪ ڊگهو نڪوون سُر، ڪل ڇهه آواز) ۽ ٽي پد.

3. پَهريان = پ + آ، هه + اِ، ر + ي + آن. چار وينجن، ٽي سُر (ٻه ڇوٽا سُر ۽ هڪ ڊگهو نڪوون سُر، ڪل ست آواز) ۽ ٽي پد. هن ۾ پڻ ’ر ۽ ي‘ گڏيل وينجن آواز آهي.

4. پَهرِيُون = پ + آ، هه + اِ، ر + ي + اُون. چار وينجن، ٽي سُر (ٻه ڇوٽا سُر ۽ هڪ ڊگهو نڪوون سُر، ڪل ست آواز) ۽ ٽي پد. هن ۾ پڻ ’ر ۽ ي‘ گڏيل وينجن آواز آهي.

5. پَهرئين = پ + آ، هه + اِ +ر (ساڪن)،ئـ + اين. چار وينجن، ٽي سُر (ٻه ڇوٽا سُر ۽ هڪ وچٿرو ڊگهو نڪوون سُر، ڪل ست آواز) ۽ ٽي پد. هن ۾ ’هه ۽ ر‘ گڏيل وينجن آواز آهي.

6. پَهرِيَن (نون ساڪن) = پ + آ، هه + اِ، ر + ي + آ + ن ساڪن. پنج وينجن، ٽي ڇوٽا سُر (ڪل آٺ آواز) ۽ ٽي پد. (هن ۾ پڻ ’ر ۽ ي‘ گڏيل آواز آهي، جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق آخري ’ن‘ ساڪن رهندو.)

7. پَهرِيُن (نون ساڪن) = پ + آ، هه + اِ، ر + ي + اُ + ن ساڪن. پنج وينجن، ٽي ڇوٽا سُر (ڪل آٺ آواز) ۽ ٽي پد. (هن ۾ پڻ ’ر ۽ ي‘ گڏيل آواز آهي، جڏهن ته آخري ’ن‘ ساڪن رهندو.)

8. پَهرِين = پ + آ، هه + اِ، ر + اين. ٽي وينجن، ٽي سُر (ٻه ڇوٽا سُر ۽ هڪ وچٿرو ڊگهو نڪوون سُر، ڪل ڇهه آواز) ۽ ٽي پد.

9. پَهريائِين = پ + آ، هه + اِ، ر + ي + آ، ئـ + اِين. پنج وينجن، ٻه ڇوٽا سُر، هڪ ڊگهو سُر، هڪ ڊگهو نڪوون سُر (ڪل نوَ آواز) ۽ چار پد. (هن ۾ پڻ ’ر ۽ ي‘ گڏيل آواز آهي.)

اهي لفظ مختلف جملن ۾ مختلف نوعيتن سان ڪم ايندا آهن، خاص طور ’اول/ اڳ‘ جي مراد سان پڻ ڪم ايندو آهي. ڊاڪٽر الانا عدد قطاريءَ جي نسبت، ’اسم جي حالت‘ جي دائري هيٺ هڪ گردان پڻ ڏنو، جيڪو هيٺينءَ ريت آهي:

- حالت فاعلي

| واحد مذڪر | جمع مذڪر | واحد مؤنث | جمع مذڪر |
|---|---|---|---|
| پهريون چوڪرو | پهريان چوڪرا | پهرِين چوڪري | پهريُون چوڪريون |

(الانا، 2010: 93)

نوٽ: ’پهريُون‘ لفظ ۾ ’اُون‘ جي پڇاڙي آهي ۽ ’پهرِين‘ ۾ ’اِين‘ جي پڇاڙي آهي، ان خيال کان ’پهريُون‘ جي ’ي‘ تي پيش ۽ ’پهرِين‘ جي ’ر‘ تي زير اچڻ گهرجي. ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب ۾ اعراب ڏنل ناهي. ان ڪارڻ اندازي سان اعراب ڏني وئي آهي.

- حالت عام/ حالت تغيري

| واحد مذڪر | جمع مذڪر | واحد مؤنث | جمع مذڪر |
|---|---|---|---|
| پهرئين چوڪري | پهرين چوڪرن | پهرينءَ چوڪريءَ | پهريُن چوڪرين |
| پهرئين چوڪري کي | پهرين چوڪرن کي | پهرينءَ چوڪريءَ کي | پهرين چوڪرين کي |
| پهرئين چوڪري تي | پهرين چوڪرن تي | پهرينءَ چوڪريءَ تي | پهرين چوڪرين تي |
| پهرئين چوڪري جو | پهرين چوڪرن جو | پهرينءَ چوڪريءَ جو | پهرين چوڪرين جو |
| پهرئين چوڪري کان | پهرين چوڪرن کان | پهرينءَ چوڪريءَ کان | پهرين چوڪرين کان |

(الانا، 2010: 93)

هن ڦيري ۾ هڪ ئي ترڪيب سڄي ڇٽائي ڏئي پئي ته حرف جر لڳڻ سبب اسم جي حالت، ڦيرو ڪائي پئي. ڇاڻايل لفظن ۾ اعراب جي ڪميءَ سبب، عام شاگردن کي ڏکيائي پيش اچي ٿي. ڊاڪٽر الانا جي ڇاڻايل ڦيري ۾ هيٺيون ست صورتون سامهون آيون آهن:

’پهريون، ’ٻَهريان‘، ’پهرِين‘، ’پهريُون‘، ’پهرئين‘، ’پهريَن (نون ساڪن)‘۽’پهريُن (نون ساڪن)‘.

- چاڻايل لفظن جو جملن ۾ استعمال
- پَهريون (واحد- مذڪر)

”هيءُ پهريون سنڌي ڪتاب آهي، جنهن ۾ زناني تعليم تي بحث ٿيو.“

لفظ ’پهريون‘ ۾ ’اون‘ وچٿري ڊگهي نڪوين سُر جي پڇاڙي ڪم اچي ٿي.گرامر موجب، ’ڪتاب‘ اسم عام آهي، جڏهن ته ’سنڌي ڪتاب‘ مرڪب لفظ آهي ۽ اسم خاص جي صورت ۾ بيهي ٿو. ان جي خاصيت ڏيکارڻ وارو لفظ ’پهريون‘ آهي. خاصيت ڏيکارڻ جي صورت ۾ ’صفت‘ سڏجي ٿو. ٻي نظر سان ’پهريون‘ ۽ ’سنڌي‘، صفت پهرين ۽ صفت ٻين به چئي سگهجي ٿو؛ چاڪاڻ ته ’سنڌي‘، ڪتاب جو قسم ٻڌائي ٿي، جڏهن ته ’پهريون‘ ان جو تعداد/ شمار ڏسي ٿو. ان خيال کان هن ترڪيب ۾ ’ٻه صفت‘ چئي سگهجن ٿا.

- پَهرِين (واحد- مؤنث)

”هيءَ مس واري پهرِين پينَ آهي، جيڪا مون خريد ڪئي هئي.“

هيءُ لفظ ان صورت ۾ ئي مؤنث واحد لاءِ ڪم اچي ٿو. لفظ ۾ ’اِين‘ پڇاڙي مؤنث کي ظاهر ڪري ٿي.

- پهريان (جمع- مذڪر)

”هي اهي پهريان ڪتابَ آهن، جن کي سنڌي ٻوليءَ جو اثاثو چئي سگهجي ٿو.“

هن لفظ ۾ ’آن‘ نڪوين ڊگهي سُر جي پڇاڙي آهي.هتي چاڻايل لفظ ’جمع- مذڪر‘ لاءِ ڪم آيو آهي.

- پهريُون (جمع- مؤنث)

”هي پهريُون ڪڻُون آهن، جيڪي مون واڻايون هيون.“

چاڻايل لفظ ۾ ’اُون‘ ڊگهي نڪوين سُر جي پڇاڙي آهي. هيءُ لفظ اسم ’جمع- مؤنث‘ سان لاڳو ٿئي ٿو.

- حرف جر جي استعمال سبب لفظ جي صورت جِي تبديلي
- پهرئين (حرف جر سبب، صورت ۾ تبديلي)

”پهرئين ڪتاب کي پڙهه.“- ”اهو سبق، پهرئين ڪتاب ۾ لکيل آهي.“
مرڪب لفظ جي بيهڪ سبب، اڳيون لفظ ۽ پويون لفظ حرف علت يا اعراب سان تبديل ٿئي ٿو. لفظ ’پهرئين‘ ۾ ’اين‘ وچٿري ڏگهي سُر جي پڇاڙي ڪم اچي ٿي، جيڪا حرف جر لڳڻ جي صورت ۾ مذڪر واحد لاءِ ڪم آئي آهي. جيئن ته مرڪب لفظ (صفت + اسم) سان حرف جر لڳڻ سبب لفظ صورت مٽائيندا آهن، ان لحاظ کان ’پهريون‘ لفظ ’پهرئين‘ جي صورت اختيار ڪري ٿو ۽ ’ڪتابُ‘ لفظ جو پيش تبديل ٿي ’ڪتابَ‘ زبر سان بيهي ٿو. ياد رهي ته هتي ’ڪتابَ‘ لفظ جمع واري صورت ۾ ناهي، ليڪن حرف جر لڳڻ سبب، ان جي اعراب مٽجي ٿي.
- پهرِين (حرف جر سبب، صورت ۾ تبديلي نه ٿي اچي)
جملو: پهرِين ڪٽَ تي ويهُه.
مرڪب لفظ (صفت + اسم) جي بيهڪ سان، ’مؤنث واحد‘ سبب، حرف جر لڳڻ جي صورت ۾ به، اڳيون لفظ ۽ پويون لفظ، صورت نه ٿو مٽائي.
- پهريَن (نون ساڪن)
جملو: ”پهريَن ڪتابَن کي الڳ ڪري، پوءِ ٻيا ڪتاب ڪڍجان.“
ياد رهي ته هتي ’ٻيا‘ لفظ جي مراد ’اڳين کان سواءِ‘ آهي، ان سبب ان کي قطاري تصور نه ڪيو ويندو. هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت ۾ جمع واري لفظي ترڪيب سان جڏهن حرف جر جو استعمال ٿئي ٿو ته ان صورت ۾ ’نون ساڪن‘ (vowelless noon)جي پڇاڙي لازمي لڳي ٿي. اها ’پڇاڙي‘ ترڪيب جي ٻنهي لفظن ۾ ڪم ايندي آهي. جيئن اصل ترڪيب ’پهريان ڪتابَ‘ آهي، جيڪا ’حرف جر‘ سبب ’پهريَن ڪتابَن‘ بيهي ٿي. هتي اها ڳالهه به نوٽ ڪرڻ جي آهي ته ’نون‘ جو آخري وينجن ساڪن رهندو ۽ جمع- واحد يا مؤنث- مذڪر واري اعراب ’ماقبل آخري وينجن‘ (second last consonant) تي لڳي ٿي. پهريان ” پهريَن (آن ”آن،يعني’آن‘“ آ ۾ تبديل ٿئي ٿو ۽ جمع واري صورت سبب ’ن‘ ساڪن لڳي ٿو) ۽

’ڪتابَ ڪتابَن‘ (جمع واري زبر/آ/ ساڳي رهي ٿي)لفظَنون ساڪن جي اضافي سان ئي بيهن ٿا.

- ڦهريُن (نون ساڪن)

”ڦهريُن ڪٺُن جي واٽائي ڪري، پوءِ ڀين کي ڏسجي.“

اصل لفظي ترڪيب ’ڦهريُون ڪٺُون‘ آهي، جيڪا حرف جر جي لڳڻ سبب تبديل ٿي، ’ڦهريُن ڪٺن‘ بيٺي آهي. ظاهر آهي ته ’نون ساڪن‘ جمع واري صورت ۾ لڳي ٿو. باقي لفظ صورت مٿائي ’ڦهريُون‘ مان ’ڦهريُن‘ (اُون > اُ + ن = اُن) ۽’ڪٺُون‘مان’ڪٺُن‘ (اُون> اُ + ن = اُن) بيهي ٿو. ياد رهي ته اسم جي حالت واري ڦيري جو اثر پوري لفظي ترڪيب (صفت ۽ اسم) تي ٿيندو.

مٿيون اهي صورتون آهن، جيڪي لفظ ’ڦهريون‘ جون عدد ۽ جنس سبب سامهون اچن ٿيون. ان کان علاوه هيٺيون ٻه صورتون پڻ ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿيون، جن جو مٿين صورتن سان ڪو تعلق ناهي.

- ’ظرف زمان‘ طور لفظ جي صورت جو استعمال

- ڦهرِين

”ڦِهرِين مون کي ڪتاب ڏي، پوءِ گهر وڃجان.“

هيءُ لفظ هتي ’اڳ‘ يا ’اول‘ جي مراد ۾ ڪم ايندو آهي، جيڪو صفت کان هٽي ڪري ’ظرف زمان‘ طور بيهي ٿو. ظاهري طور هن لفظ جي صورت ’قطاري عدد‘ سان ملي ضرور ٿي، ليڪن ظرف جي حالت ۾ هن جي صورت مخصوص آهي. ڪافي ليڪڪن کان ان لفظ جي استعمال ۾ مغالطو رهيو آهي.

- ڦهريائِين

”امتحان ۾ ويهڻ کان ڦهريائين تياري ٿيل هجي.“

هيءُ لفظ ٻه مقرر صورتن کان هٽي ڪري، ظرف زمان طور ڪم اچي ٿو ۽ معنیٰ مراد اٿس ’اڳ کان ئي‘، ’شروع کان ئي‘، ’منڍ ۾ئي‘يعني هن کي عدد قطاريءَ ۾ شمار نه ڪيو ويندو. دراصل هن جي صورت جو بنياد ’ڦهرين ئي‘ آهي، جيڪو عام استعمال ۾ ’ڦهريائين‘ ڪم آندو وڃي ٿو.

مٿيون ميزان ڪٽي، مختلف ڪتابن ۾ ڇاڻايل لفظن جي صورتخطيءَ جي جاچ ڪجي ٿي.

- لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو (ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو)

➢ "لوڪ ادب' کي ٻن مکيه ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون نثري حصو ۽ ٻيو نظمي حصو." (سنديلو، 2016: 26)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون نثري حصو' درست صورت ۾ ڪم آندو اٿس. البت 'ٻيو' بدران 'ٻيون' ڪم آڻڻ گهربو هيس.*

➢ "مثالن مان ظاهر ٿيو ته پهرين ڳجهارت جي نوعيت علحدي آهي ۽ باقي جي قريب ساڳي." (سنديلو، 2016: 58)

*تبصرو: مؤنث واحد صورت ۾ 'پهرين ڳجهارت' درست صورت ۾ ڪم آندو ويو آهي.*

➢ "انهن جهيڙن کي، ڪنهن حد تائين اخلاقي تعليم جا پهريان ۽ بنيادي سبق به چئي سگهون ٿا." (سنديلو، 2016: 197)

*تبصرو: مذڪر جمع صورت ۾ 'پهريان سبق' ٺيڪ ڪم آندو ويو آهي.*

➢ "پهرئين مثال ۾ 'الف' ۽ 'ي'، ٻئي ۾ 'و' حرف گڏيا ويا آهن. ٽئين ۾ 'و' ۽ 'الف همزه' حذف ڪيا ويا آهن ۽ چوٿين ۾ لفظن کي اڳي پوءِ ڪيو ويو آهي." (سنديلو، 2016: 90)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ اصل لفظ: 'پهريون مثال' آهي، جيڪو حرف جر لڳڻ سبب 'پهرئين مثال ۾' درست استعمال آهي.*

➢ "پهرين ٻن مصرعن ۾ به سر، باقي ۾ هڪ هڪ سر آندل آهي: ليلى مجنون، سسئي پنهون، سهڻي ساهڙ (ميهار)، ليلان چنيسر، عمر مارئي، مومل راڻو ۽ هير رانجهو." (سنديلو، 2016: 119)

*تبصرو: مؤنث جمع صورت ۾ اصل لفظ: 'پهريُون مصرعون' آهي، حرف جر لڳڻ سبب 'پهرئين ٻن مصرعن ۾' ٺيڪ ڪم آندو ويو آهي.*

➢ "وليت: اهي بيت جن جو تعلق پهرين ٽي اصحابن، ولين ۽ درويشن جي ڪرامتن سان هجي." (سنديلو، 2016: 185)

*تبصرو: مذڪر جمع صورت ۾ 'پهريان ٽي اصحابي' جي، حرف جر سبب نحوي ترڪيب 'پهرين ٽن اصحابن جي 'واري صورت مناسب آهي.*

➢ ”اها پابندي لازمي آهي ته جيترو تعداد مصرعن جو پهرين ’بند‘ ۾ هوندو، اوترو باقي ’اکرن‘ جي بندن ۾ هئڻ لازمي آهي.“ (سنديلو، 2016: 261)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ ’پهريون بند‘ سان حرف جر لڳڻ سبب ’پهرئين بند ۾‘ واري صورت هجڻ ڪپندي هئي. ’پهرين بند ۾‘ واري صورت مناسب ناهي. اهڙي ’پهرين دور‘ واري صورت 361 صفحي تي پڻ نوٽ ڪئي وئي.*

➢ ”مٿئين مثال ۾ ’خدا‘ جا مختلف زبانن مان ڇهه لفظ آندا آهن.

| لفظ | ٻولي | معنى |
|---|---|---|
| خالق | عربي | خلقيندڙ |
| باري | عربي | پيدا ڪندڙ |
| سرجنهار | هندي | پيدا ڪندڙ |
| واحد | عربي | هڪ |
| ايڪ | سنسڪرت | هڪ |
| بدا | عربي | شروع- آغاز- سڀ کان پهريون |
| ڪرتار | هندي | خلقيندڙ- ڏٽي“ |

(سنديلو، 2016: 170)

*تبصرو: هتي قطاري عدد ’پهريون‘ ڪم آڻڻ مناسب ناهي. دراصل، ليکڪ جو خيال ’سڀ کان اڳ‘ واري مراد جو ٿو لڳي، ان ڪارڻ هتي ظرف جي صورت وارو لفظ ’پهرين‘ ڪم آڻڻ گهربو هيو. هيءُ قطاري عدد (پهريون) ان جڳهه تي لڳندو، جتي ڪنهن ٻئي جي هجڻ جو تصور هجي.*

➢ ”تي سگهي ٿو ته پهريائين هڪ سگهڙ، ٻئي کان اهڙي قسم جا سوال ڪري، جواب طلب ڪيا هجن ۽ پوءِ سگهڙن، عقل ويڙهائي سوال توري جواب پاڻ ئي ناهيا هجن.“ (سنديلو، 2016: 70)

*تبصرو: ظرف جي حالت ۾ ’پهريائين‘ مناسب ڪم آندل آهي.*

- ٻوليءَ جو بچاءُ ۽ ان جو درست استعمال (سهيڙيندڙ: علي نواز آريسر)

➢ ”سنڌي درسي پهرئين ڪتاب ۾ ’پن‘ ۽ ’ڪن‘ لفظن ۾ ’ن‘ حرف مٿان ’شد‘ جو نشان ڪونه ڏنو ويو آهي (ڏسو سنڌي پهريون ڪتاب ص: 6) پر ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي هلي صفحي 7 تي لکيل لفظ ’پَنَ‘ ۾ ’ن‘ مٿان شد جو نشان ڏيئي، اهو لفظ لکيو ويو آهي: ’پَنّ‘.“ (نواز، 2018: 64)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ ’پهريون ڪتاب‘ ڪم آندو اٿس ۽ حرف جر لڳڻ سبب ’پهرئين ڪتاب ۾‘ ڪم آندو اٿس، جيڪو درست استعمال آهي.*

➢ ”هر قوم جي پهرين ترجيح اُن جي ٻولي هوندي آهي، اهو ئي سبب آهي، جو هر ماڻهوءَ جو پنهنجي ٻوليءَ سان ماءُ جهڙو رشتو هوندو آهي...“ (نواز، 2018: 22)

*تبصرو: مؤنث واحد صورت ۾ ’پهرِين ترجيح‘ ڪم آندو اٿس، جيڪو درست استعمال آهي.*

➢ ”جتي پهرين جملي ڪان پوءِ ڪجهه وقت بيهي، ايندڙ خيال کي چٽو ڪرڻو هجي، ته اُتي به ”۽“ اڳيان ٿورو دم ڏجي، مثال: هُو جهوپڙيءَ اڳيان اچي بيهي رهيو، ۽ غريبن جي حالت تي افسوس ڪندو هليو ويو.“ (نواز، 2018: 103)

*تبصرو: هتي ’پهرين جملي کان‘ واري ترڪيب مناسب ناهي، اصل ترڪيب ’پهريون جملو‘ آهي، جيڪو حرف جر لڳڻ سبب ’پهرئين جملي کان‘ ٿيڻ کپندو آهي.*

➢ ”هي لفظ اصل گريڪ زبان جو آهي، جنهن جي معنى آهي ننڍو تارو. هي نشاني پهرئين ته انهيءَ جاءِ تي ڪم ايندي آهي، جتي هن وقت ٻُڙي (Dot) ڏني وڃي ٿي يا جتي ڪجهه لفظ يا اکرن يا جملن کي ڇڏي ڏبو آهي. (نواز، 2018: 168)

*تبصرو: هتي ’پهرئين‘واري صورت مناسب ناهي، ڇاڪاڻ ته ’پهرئين‘ قطاري عدد ’پهريون‘ جي بدليل صورت آهي، جڏهن ته هتي ’ظرف زمان‘ وارو لفظ ’پهرين‘ رکڻ کپندو هو.*

➢ ”جيتوڻيڪ انگريز دور کان لاڳو دستور موجب سنڌي ٻولي سنڌ جي دفتري ۽ سرڪاري زبان رهي. پر پهرين ون يونٽ قائم ڪري، ۽ اُن دوران 1958ع ۾ ’شريف ڪميشن‘، جوڙي، سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ تدريس کي پنجين ڪلاس تائين

محدود ڪري، اُن جي ذريعه تعليم توڙي سرڪاري زبان وارو درجو ختم ڪيو ويو...” (نواز، 2018: 52)

*تبصرو: هتي 'پهرين' ظرف زمان طور درست ڪم آندل آهي.*

➢ ”جڏهن ڪو تفصيل ڏيٹو هوندو آهي، ته پهريائين هيءَ نشاني ڏيئي، پوءِ تفصيل ڏبو آهي، مثال: حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جا هي مکيه ڪتاب آهن:- 1. حيات النبي، 2. ڪمال ۽ زوال، 3. ابوالفضل ۽ فيضي؛ .4 آفتا ب ادب؛ 5. بهار اخلاق؛ 6. ميرن جي صاحبي وغيره.“ (نواز، 2018: 107)

*تبصرو: هتي 'پهريائين'ظرف زمان طور درست ڪم آندو ويو آهي.*

- سنڌي ادب جو فڪري پس منظر (ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ)

➢ ميرن ڪان پوءِ سنڌ تي انگريزن جو قبضو ٿيو، انگريزن پنهنجي مفاد جي ڪن اهڙين جديد شين کي متعارف ڪرايو جو ماڻهن کي لڳو ته سندن دور ۾ سنڌ پهريون دفعو هڪ قسم جي جمود مان نڪتي.

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون دفعو' ڪم آندو اٿس، جيڪو درست استعمال آهي.*

➢ ”انهيءَ وقت ٺٽي تي پرتگالين حملو ڪيو. پرتگالي يورپ جي سفيد فارم قومن مان پهرين قوم هئي جنهن سڀ کان پهرين هندستان جي ساموندي ڪنارن تي قبضو ڄمايو.“ (غفور، 2017: 45)

*تبصرو: مؤنث واحد صورت ۾ 'پهرين قوم' ڪم آندو اٿس، جڏهن ته 'پهرين' اڳ يا اول جي معنى ۾ درست ڪم آندل آهي.*

➢ اسلام ۾ پهرئين دور ۾ تصوف هڪ رجحان هو، ڪو فرقو يا مسلڪ نه هو، اڳيان هلي تصوف جي مابعدالطبعيات کي فروغ مليو ۽ طريقت جو سلسلو شروع ٿيو. (76)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون دور'سان حرف جر لڳڻ سبب 'پهرئين دور ۾'درست استعمال آهي.*

➢ نثر ۾ مرزا قليچ بيگ جا پهريان ناول "دلارام" ۽ "زينت" رومانوي آهن، ان کان پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ناول "نورجهان" ۾ تاريخ ۽ رومانس جا گڏيل پهلو رومانوي آهن. (255)

*تبصرو: مذڪر جمع صورت ۾ 'پهريان ناول' درست استعمال آهي.*

➢ "تنهن ڪري انهيءَ ڳالهه جا امڪان آهن ته دنيا ۾ سڀ کان پهرين باقاعده ڪيتي ٻاري سنڌ ۾ ڪئي ويئي." (غفور، 2017: 27)

*تبصرو: 'پهرين' ظرف زمان طور درست استعمال آهي.*

➢ حسين ابن الحالج منصور رح جي نظرئي مطابق ڪائنات جي تخليق کان پهريان خداوند تعالى پنهنجي احديت ۾ هو. (77)

*تبصرو: 'پهريان' مذڪر جمع جي صورت ۾ ڪم ايندو آهي، جيئن ته ليکڪ جو ارادو ظرف زمان طور، اڳ جي معنى ۾ ڪم آڻڻ جو هيو، ان ڪارڻ 'پهريان' جي بدران 'پهري' ڪم آڻڻ کپندو هيس. هتي 'پهريان' لفظ مناسب ترڪيب سان ڪم ناهي آيو.*

➢ ننڍي پيماني تي صنعتون ٺهڻ لڳيون، پهريائين مشينون وجود ۾ آيون پوءِ ڪارخانا ۽ فيڪٽريون ٺهڻ لڳيون. (122)

*تبصرو: ظرف زمان جي صورت ۾ درست استعمال آهي.*

- سنڌي لوڪ گيت- ٻوليءَ جي اوسر (سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر چارو پرسو گدواڻي. عربي- سنڌي لپيءَ ۾ آڻيندڙ: پارسا رضوي)

➢ ان حساب سان ڳجهارت جو پهريون پائو آهي "رڇ". ان جو مطلب آهي ڪوبه ٿانءُ جنهن ۾ گيهه، تيل، پاڻي ۽ ٻيو ڪو پاڻيٺ وارو مادو رکي سگهجي. (پارسا، 2010: 79)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون پائو' ڪم آندو ويو آهي، جيڪو درست آهي.*

➢ "دراصل چيڪلو بانگلو هڪ ورجائجندڙ مرڪب لفظ آهي، جنهن ۾ پهرئين لفظ جي ته معنى آهي، ليڪن ٻيو لفظ بي معنى آهي." (پارسا، 2010: 39)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون لفظ'سان حرف جر لڳڻ سبب 'پهرئين لفظ جي' درست استعمال آهي.*

➢ "پهريون به ستون ٻڌائين ٿيون ته هڪڙو ننڍڙو ڪينئون گس تي ڦاسي پيو. اتي ڪنهن گاهه پوکيو. گاهه ڪيـ ۾ لڏ هڪڙو گهوڙو کائي ويو." ( پارسا، 2010: 35)

*تبصرو: مؤنث جمع صورت ۾ 'پهريون به ستون' درست استعمال آهي.*

➢ "پهرين پن سٽن ۾ ستارن جي بناوت ۽ صفتن جو ذڪر ٿيل آهي."( پارسا، 2010: 22)

*تبصرو: مؤنث جمع صورت ۾ 'پهرُيون به ستون' سان حرف جر لڳڻ سبب 'پهرُين پن سٽن ۾' درست استعمال آهي.*

➢ "هي ٻئي لفظ ڪو ٻين ٻولين مان مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيڻ وارا هندي ٻوليءَ ۾ شامل نه ٿيا آهن، پر ساڳئي لفظ جيپهرين معنى ۾ هڪ ٻي معنى جوڙي وئي آهي." (پارسا، 2010: 86)

*تبصرو: مؤنث واحد صورت ۾ 'پهرِين معنى' سان حرف جر لڳڻ سبب ساڳي صورت 'پهرِين معنى ۾' درست استعمال آهي.*

➢ "هيءَ منهنجي لاڪيٽي لوئي". هن گيت جي باري ۾ مون کي چيو ويو ته هيءُ گيت به وهانءَ وقت ئي ڳايو ويندو آهي. اچو ته پهريان هن گيت کي ڏسون" (پارسا، 2010: 62)

*تبصرو: 'پهريان' مذڪر جمع جي صورت ۾ ڪم ايندو آهي، جيئن ته اٿو ڪنڌ جو ارادو ظرف زمان طور، اڳ/ اول جي معنى ۾ ڪم آڻڻ جو هيو، ان ڪارڻ 'پهريان' جي بدران 'پهرين' ڪم آڻڻ کپندو هيس.*

➢ سنڌي ٻوليءَ مان نموني جا الاهي گيت، ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کان پهرين تمام گهڻا مروج هئا. (پارسا، 2010: 13)

*تبصرو: 'پهرين' ظرف زمان طور درست استعمال آهي.*

➢ سنڌي ٻاراڻن گيتن ۾ پنهنجو خاص مقام رکڻ وارو گيت آهي: "جو ڏينبو جو ڏينبو" سڀ کان پهريائين هن گيت جو مزو وٺو. (پارسا، 2010: 34)

*تبصرو: 'پهريائين' ظرف زمان طور درست استعمال آهي.*

- شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو (ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه)

- "60 سالن کان 75 سالن جي عمر وارو دور سندس پيريءَ جو پهريون دور هو، جنهن ۾ سندس شخصيت هڪ شاعر ۽ درويش طور مسلم ٿي..." (ڪلثوم، 2004: 455)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون دور' درست ڪم آندو ويو آهي.*

- "ميون شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف پهريان شاعر هئا، جن شاهه لطف الله قادريءَ کان متاثر ٿي ساموندي ناکئن ۽ جوڳين فقيرن جي ذڪر کي تمثيل طور سر سريراڳ، ساموندي، سر رپ ۽ سر رامڪليءَ جو قالب بڻايو..." (ڪلثوم، 2004: 445)

*تبصرو: مذڪر جمع صورت ۾ 'پهريان شاعر' درست ڪم آندو ويو آهي.*

- "هن سر ۾ به داستان آهن، پهرئين داستان ۾ گهٽي پاڳي مجازي محبوب جو بيان آهي، جنهن کي شاهه سائين سج، چنڊ ۽ تارن کان به حسن ۾ سرس ڄاڻائي ٿو..." (ڪلثوم، 2004: 192)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون داستان' سان حرف جر لڳڻ سبب 'پهرئين داستان ۾' درست ڪم آندو ويو آهي.*

- "پهرين ٻن بيتن ۾ ڦوٽو تشبيهه طور استعمال ٿيو ۽ پوين ٻنهي بيتن ۾ ڦوٽو ۽ حباب لفظ عارضي وجود يا فاني هستيءَ لاءِ استعاري طور استعمال ٿيا..." (ڪلثوم، 2004: 449)

*تبصرو: مذڪر جمع صورت ۾ 'پهريان بيت' سان حرف جر لڳڻ سبب 'پهرين ٻن بيتن ۾' درست ڪم آندو ويو آهي.*

- "سر پورب جي پهرين داستان ۾ شاهه لطيف سنڌ جي ڳوٺاڻي سماج ۾ رائج ان رسم يا تصور کي بيان ڪيو آهي، جنهن مطابق ڪانگل کي پرينءَ جي پار جو قاصد سمجهيو ويندو آهي..." (ڪلثوم، 2004: 367)

*تبصرو: مذڪر واحد صورت ۾ 'پهريون داستان' سان حرف جر لڳڻ سبب 'پهرئين داستان ۾' واري صورت بيهندي، هتي 'پهرين' صورت مناسب ناهي.* ڊاڪٽر صاحبه چند جڳهين تي 'پهرئين' به ڪم آندو آهي، نه ته اڪثر ان ئي مراد سان 'پهرين' جو استعمال ڪيو اٿس، جيڪو ٻوليءَ نسبت درست ناهي.

- نتيجو

✍ سنڌي ٻوليءَ ۾ عدد جي ڳڻپ جا ٻه نمونا آهن: شماري عدد (هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه...) ۽ قطاري عدد (پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، پنجون...). قطاري عدد جو ٻيو اهڙو نمونو به نوٽ ڪيو ويو آهي، جيڪو شماري ۽ قطاريءَ جو ميلاپ آهي، جيئن: هڪ، ٻيو، ٽيو، چوٿو، پنجو، ڏهو، ٻارهو وغيره.

✍ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ قطاري عدد واري لفظ 'پهريون' جون ست صورتون سامهون آيون آهن، جيڪي صفت طور ڪم اچن ٿيون: پَهريون- پَهرِين- پَهريان- پَهريُون- پَهرئين- پهريَن (نون تي جزم)۽پهريُن (نون تي جزم).

✍ چاٽايل صورتن کان علاوه ساڳئي لفظ مان ٻه ٻيُون صورتون به آهن، جيڪي ظرف زمان طور ڪم اچن ٿيون: پهرين ۽ پهريائِين.

✍ جيئن ته عام صورتخطيءَ ۾ 'زيرن زبرن' جو استعمال گهٽ ڪيو ويندو آهي، ان ڪارڻ صورتن جي درست هِجي يا استعمال ۾ مونجهارا سامهون آيا آهن. هتي اهڙن لفظن ۾ ضروري اعراب ڪم آڻڻ جي سفارش ڪجي ٿي.

✍ چاٽايل لفظ جي صورتن جي درست استعمال کي جاچڻ لاءِ چند ڪتابن جو اڀياس ڪيو، جنهن ۾ خاص طور قطاري عدد جي صورتن مان صفت: 'پهرئين'، 'پهريان' ۽ ظرف زمان: 'پهرين' جي استعمال ۾ مغالطو رهيو آهي.

## حوالا

ام ڪلثوم شاهه، ڊاڪٽر (2004) شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو. ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
هڪڙو، انور فگار،ڊاڪٽر،مرتب (2007)، سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا، پيرومل مهرچندآڏواڻي. سنڌيءَ جي دکدائڪ حالت سڌارڻ لاءِ رٿ.حيدرآباد،سنڌي لئنگويج اٿارٽي. جلد 1،ص: 82- 101.
آريسر، علي نواز (2018) ٻوليءَ جو بچاءُ ۽ ان جو درست استعمال. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر (2017) عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر (2016) لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو. ڪراچي: پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس.
گدواڻي، چارو پرسو، ڊاڪٽر. سهيڙيندڙ (2010) سنڌي لوڪ گيت- ٻوليءَ جي اوسر. عربي سنڌي لپيءَ ۾ آڻيندڙ: پارسا رضوي. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
ميمڻ عبدالغفور، ڊاڪٽر (2017) سنڌي ادب جو فڪري پس منظر. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.